# گھڙيالُ

سَٺِ سيڪَندَ هِڪُ مِنٽُ ٻڌائِنِ

مِنٽَ سَٺِ مِلي ڪَلاڪُ ٺاهِنِ

ڪَلاڪَ چوويهہ ڏِينهنُ ۽ راتِ

هيءَ وائي گھَڙِيالي واتِ

ڏينهنَ ٽي سَوَ پنجهٺَ هِڪُ سالِ

ٽَن ٽَن ٽَن ٽَن ٻولي گھڙيالُ

ٻُڌِجي پيِ توُن ويهُ نہ واندو

ڌَنَ دولتَ کان وَقتُ مَهانِگو

آهي قيمَتي هَرهِڪُ پَلُ

عِلم سِکي ڪَرِ عُمرِ سَڦلُ

عِلمَ بِنا جيِون جَنجال

ٽَن ٽَن ٽَن ٽَن ٻولي گھڙيالُ

جو نہ اَجايو وَقتُ وِڃائي

اوُچو دَرِجو سوئي پائي

توُن پيِ وقت جو قَدُرُ سُڃاڻِ

وَقتُ وڏي مُلهہَ وارو ڄاڻِ

رَههُ اِن ريتِ سدا خوشحالُ

# ٽَن ٽَن ٽَن ٻولي گهڙيالُ

Poet: Gordhan Bharti

Singer: Priyanka Keswani

Music Director: Jagdish Lalwani